# فليش فڪشن ۾ سنڌي سماج جي مسئلن جو مختصر جائزو

# A Brief Analysis of the Problems of Sindhi Society in Flash Fiction

**علي رضا قاضي**

**Abstract:**
Flash fiction is a type of fiction that conveys strong effect within short time in brief style. It is globally recognized nowadays. That is why Sindhi fiction writers are also writing this Flash Fiction. This paper enables readers to understand that how Flash Fiction plays its part in giving the social details of Sindhi Society.

## تعارف:

’فليش فڪشن‘ پنهنجي نالي جي مناسبت سان اهڙي قسم جو افسانوي ادب آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيون مختصر روپ ۾ تيزي سان اثر ڏيکارين ٿيون. دنيا ۾ جتي هن ادب کي تمام گهڻي پذيرائي ملي رهي آهي، اتي سنڌي افسانوي ادب ۾ به ڪيترائي ڪهاڻيڪار مسلسل فليش فڪشن لکي رهيا آهن. مختصر صورت ۾ لکيل هي ڪهاڻين ۾ ڪهڙي ريت سماجي معاملن جي اکيڙ ڪئي وڃي ٿي. ان لاءِ اسان کي ادب جي ڪارج ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ’ٽماهي مهراڻ‘ ۾ ڇپيل پنهنجي مقالي ’سنڌي ادب جو سماجي ڪارج‘ ۾ لکي ٿو: “جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ڪهاڻيڪارن ناول نويسن، ناٽڪ نويسن، ڪالم نويسن، مضمون نويسن ۽ شاعرن جي ڪلام تي نظر وجهنداسين ته ڳالهه بلڪل ظاهر نظر ايندي ته هر دؤر جي اديبن سماجي مسئلن جو ذڪر ڪيو آهي.” (الانا 2005، 2) سماجي مسئلن ۽ انهن جي حل ڏسڻ کان سواءِ ڪنهن به ادب کي سماج لاءِ ڪارگر نه ٿو مڃي سگهجي. سماجي حل کي جيڪڏهن ثانوي حيثيت ڏجي ته به هن ڳالهه تي اديب کي ڪا به ڪوتاهي نه ڪرڻ گهرجي ته هو سماجي معاملن کان بي خبر يا لاتعلق آهي. سنڌي ڪهاڻيڪارن، جمال ابڙو امر جليل، نسيم کرل، سراج ميمڻ، پروفيسر رام پنجواڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ريتا

شهاڻيءَ، تارا ميرچنداڻي، آنند گولاڻي، پوپٽي هيرانندڻي، لعل پشپ، شيام جئسنگهاڻي، هريش واسواڻي، هريڪانت، لڇمڻ ڪومل، گنو سامتاڻي، سڳن آهوجا، ماهتاب محبوب، وشنو ڀاٽيا، گوبند پنجابي، طارق اشرف، محمد عثمان ڏيپلائي، ڪرشن کٽواڻي، هيرو شيوڪاڻي، آغا سليم، محمد عثمان ڏيپلائي، رسول بخش پليجو، نارائڻ شيام ۽ گوبند مالهيءَ وغيره. پنهنجن افسانوي لکڻين ۾ سماجي ڪشمڪش کي نمايان ڪيو آهي.

## مسئلي جو بيان:

ڊاڪٽر نور افروز خواجه پنهنجي ڪتاب 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اڀسر' ۾ سنڌي سماج کي لاحق مسئلن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. ان جي بقول: مسلمانن ۽ هندن جي بنيادي مسئلن ۾ فرق آهي، جيئن هندن ۾ ڏيتي ليتي، جيئري تي جيئري جي شادي، تنگدل مائٽ، بک ۽ بيروزگاري، بنا نڪاح وڃڻ جي سريت، ننڍين ڇوڪرين جي پوڙهن سان شادي، اجايو نماءُ، ماٽيجي ماءُ جو ورتاءُ، حق بخشائڻ، چوريون ڌاڙا، نڱي، گهران ڀڄي شاديون ڪرڻ، ڪوڙ مڪر، فريب، نشو وغيره. (خواجه 2000، 34)جيڪي اڄ به هن سماج جا اهم معاملا آهن.

## فليش فڪشن ۾ سنڌي سماج جي مسئلن جو جائزو:

### منظور ڪوهيار جو فليش فڪشن:

سنڌي سماج کي دربيش مسئلن يا معاملن کي فليش فڪشن جي ليکڪن به ناهي وساريو. انهن مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي، جهڙي طرح ڪهاڻيڪار منظور ڪوهيار پنهنجي ڪتاب 'سچا ڪوڙا رشتا' ۾ مختصر- مختصر ڪهاڻين کي مختلف عنوان جهڙوڪ: 'صوفي ڪهاڻيون ۽ گرو چيلو ڪهاڻيون' هيٺ شامل ڪيو آهي. 'گرو چيلو' جي ڪهاڻين ۾ منظور ڪوهيار جي ڪهاڻي 'جنت ارضي' پنهنجي موضوع ۽ فن جي لحاظ کان بلنديءَ کي ڇهي ٿي، جنهن ۾ گرو ۽ چيلي وچ ۾ مڪالمن کي خوبصورت پيرايي سان بيان ڪيو ويو آهي. منظور ڪوهيار جي هن ڪهاڻيءَ ۾ 105 لفظ شامل آهن. پنج لفظ گهٽائڻ سان ان کي ڊرئبل (سؤ لفظن جي ڪهاڻي) جي

شڪل ڏئي سگهجي پئي، جنهن ڪي ليکڪ خيال ۾ نہ آندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ چيلي جو ذڪر آهي، جيڪو سڄو ملڪ جهاڳي واپس پهچي پنهنجي گروءَ کي حال احوال ڏئي ٿو. هنن جي گفتگوءَ مان نتيجو نڪري ٿو تہ هيءُ ملڪ عاقلن نہ پر پاڳلن جو آهي، جيڪي سوچ ويچار کان وانجهيل آهن. آخر ۾ گرو، چيلي کان هن جي خواهش پڇي ٿو: "هو عاقل يا پاڳل ٿيڻ ۾ ڪنهن جي چونڊ ڪندو، جنهن تي چيلي، پاڳل ٿيڻ جي ڳالهہ ڪري هڪ پٿر کڻي گروءَ جي مٿي ۾ هڻي ڪڍيو." (ڪوهيار 2009، 60) ڪهاڻيءَ جو عروج ۽ اختتام شاندار آهي، جنهن ۾ صلاح ڏيندڙ گرو پاڻ چيلي جي چريائپ جو نشانو بڻجي وڃي ٿو.

'جنت ارضي' نالي سان هي مختصر - مختصر ڪهاڻي، مجموعي طور سماج جي مڪمل عڪاس آهي، تہ هن معاشري ۾ عاقلن کي سواءِ ڏک ۽ تڪليفن جي سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو ملي. پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب پؤنرن جي انتظار ۾' منظور ڪوهيار جون مختصر - مختصر ڪهاڻيون بہ پڙهڻ وٽان آهن؛ جن ۾ سماج جي تصوير ڏسي سگهون ٿا. جيئن هن جي ڪهاڻي 'وقت وقت کي سلام آ' ۾ ٻن ڏنڏوڙي عورتن جا ڊائلاگ آهن.

65 لفظن جي هن ڪهاڻيءَ ۾ جملا ايترا تہ سچا ۽ کرا آهن، جو پڙهي ڪجهہ گهڙين لاءِ سوچن جي طوفان ۾ گم ٿيو وڃي. ٻئي عورتون وهيءَ کان موٽ کاڌل آهن. اهي پاڻ ۾ زندگيءَ جي هڪ تلخ حقيقت کهڙي ريت بيان ڪن ٿيون، سو ليکڪ جو ڪمال آهي. هڪ عورت ٽڏو ساهہ پريندي ٻيءَ کي چئي ٿي: "جواني هئي ۽ ڪو اک اٽڪائيندو هيو تہ پاڻ منهن ڦيري ڇڏينديون هيون سين ۽ هاڻي اسان ڪنهن سان اک اٽڪايون ٿيون، تہ اڳلو منهن ڦيري ڇڏي ٿو!" آخر مڪالمو تہ: "بس وقت وقت کي سلام آ!" (ڪوهيار 2009، 65) سماج جي ان پاسي جي منافقي کي نروار ڪري ٿو. 'ٻيني جو سپ ڪو ڪرئي جو ڪير ڪونهي ڪو' جي مصداق صورتحال کي 65 لفظن جي دائري ۾ بيان ڪرڻ فليش فڪشن ئي آهي. جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري ٿو.

## عباس ڪوريجي جو فليش فڪشن:

منظور ڪوهيار جي فليش فڪشن ڪان پوءِ جنهن شخص تحقيقي بنيادن تي فليش فڪشن تي نہ صرف ڪم ڪيو پر سگهاريون تخليقون بہ ڏنيون آهن، ان جو نالو عباس ڪوريجو آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب 'پنهنجي ڌرتي' ۾ مختصر - مختصر ڪهاڻيون لکيون آهن. عباس جي 'پبلڪ ٽوائليٽ' جي نالي سان هڪ ڪهاڻيءَ ۾ سماج جو اهو پاسو بہ ڏسي سگهجي ٿو جيڪو گهٽ ڪري عام گفتگوءَ ۾ نہ ٿو اچي. 139 لفظن تي ٻڌل هيءَ مختصر - مختصر ڪهاڻي ايتري تہ دلچسپ آهي جو سڄي اتارجي ٿي:

## پبلڪ ٽوائليٽ:

سامهون ئي لکيل هو،
"همت وارن جي آڏو جهڪي پوي ٿو نيٽ جبل."
پرسان لکيل هو،
"ٻاهر تہ مڙس ماڻهو آهين، هتي.......... ٿو وهئي!"
ڪنڌ ۾ تير چاپيل هوءِ لکيل هو،
"او قبض وارا مري وئين...... تير ٿو اچئي!"
پاڻيءَ واري ٽانڪيءَ جي نلڪيءَ مٿان لکيل هو،
"پناڻن کي گذارش آ تہ پاڻي صرف هيٺ استعمال ڪن."
ڪاٻي پاسي لکيل هو،
"دنيا وڃي چنڊ تي پهتي آهي ۽ تون هتي ويٺو آهين!؟"
ان جي بلڪل هيٺان ڪاري پين سان لکيل هو،
"بس مان بہ ...... ڏوئي نڪران ٿو."
ساڄي پاسي ٽلهن اکرن ۾ لکيل هو،
"هر هر پنتي نہ ڏس! اٿي وڃ دوڪان تي!"
پوئتي ڪنڌ ڪري ڏٺئين،
"هيڏي هوڏي........... پيو ڳولين، ٻاهر نڪر تہ قطار لڳي پئي آهي."
جلديءَ ۾ اٿيو در کولڻ لڳو تہ در تي لکيل هو،
'ها ها ها ....... جهل تہ دَٻ.......!' (ڪوريجو 2014، 75)

عباس ڪوريجو نوجوان ليکڪ آهي، هو فليش فڪشن جي اوپارين لهوارين کان واقف پڻ، هن ڪهاڻيءَ ۾ عباسَ هڪ اهڙي موضوع جي چونڊ ڪئي آهي، جنهن کي عام ڪهاڻيڪار لکڻ کان پري رهيو آهي. اها ٻي ڳالهه ته هيءَ ڪهاڻي سماج جي اهڙي حقيقت رهي آهي، جنهن کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. پبلڪ ٽوائلٽ، ڪهڙيءَ ٻوليءَ سان ستيل هوندا آهن، ڪهڙي زبان اتي لکي ويندي آهي، جيڪڏهن ڪجهه گهڙيون غور ڪجي ته اها حرڪت، اهو عمل مجموعي طور معاشري جو عڪاس آهي ته پاڻ بحيثيت قوم ڪيڏا نه واٽڙا آهيون! پنهنجي ذهني پيچيدگين ۽ پسماندگيءَ جو ڪهڙي ريت اظهار ڪندا رهون ٿا، پبلڪ ٽوائلٽ پنهنجي دماغي ڪسمپرسي ظاهر ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي!

نوجوان فليش فڪشن ليکاري عباس ڪوريجي جي ساڳي ڪتاب ۾ هڪ ٻي ڪهاڻي ’موچي‘ به سماج جي ترجماني ڪندي ملي ٿي. موچيءَ جي واتان هو ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ هڪ ڊائلاگ ڳالهرائي ٿو، جنهن سان ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي. هيءَ ڪهاڻي 44 لفظن جي آهي، جنهن کي ليکڪ ڇهه لفظ ڳنڍي ڊرئيبل (50 لفظن جي ڪهاڻي) به ٺاهي سگهي پيو، خير ان هوندي به ڪهاڻي، پنهنجي جاءِ تي انهن ڪردارن جي نفسياتي پيچيدگين کي ظاهر ڪري ٿي، جن کي دنيا جي ڏنڏن منجهائي ڇڏيو آهي. هڪ پاسي ان نوجوان جي دانهن آهي، جيڪا پنهنجي موچيءَ دوست کي ڏئي ٿو ته سندس زال هن جو هيانءُ اڊيڙي ڇڏيو آهي، ٻئي پاسي ان پورهيت جو ڪردار آهي، جيڪو لفظ ’اڊيڙي‘ ٻڌي، ذهن کي ڳنڍڻ ڏانهن ڪٽي وڃي ٿو. زندگيءَ جا بظاهر هي مزاحيه پاسا به آهن، پر اصل ۾ تمام گهٽا دکدائڪ، جنهن ۾ ڪير به ڪنهن جي ڳالهه ٺيڪ طرح سان ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، جي ٻڌي به ٿو ته پنهنجي مطلب جي! جيئن، هن 44 لفظن ۾ بيان ڪئي آهي.

## عباس سارنگ جو فليش فڪشن:

عباس ڪوريجي کان سواءِ عباس سارنگ پڻ فليش فڪشن جي ڇيتيءَ هيٺ زبردست مختصر - مختصر ڪهاڻيون لکي پيو، جهڙي ريت هن جي ڪهاڻي ’رن چور‘ (سارنگ 2011، 62) معاشري جي هڪ حساس معاملي طرف ڌيان ڇڪرائي

ٿي. ’رن چور‘ ڪهاڻي 53 لفظن جي آهي. يعني فڪشن- 55 (55 لفظن جي ڪهاڻي) جي ويجهو. ٻه لفظ گهٽ فڪشن-55 ۾ عباس سارنگ هڪ اهڙي سچ تان پردو کنيو آهي، جنهن تي بظاهر غور ناهيون ڪندا. ڪهڙي ريت Gene ماڻهوءَ جي عملن ۾ پائيوار آهي، ساڳي ريت تربيت به انسان جي سماجي قدڪاٺ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هڪ نوجوان جنهن جي جين ۾ تربيت ۾ ساڳي ڳالهه شامل هجي، پوءِ ڪهڙي ريت اهو ان عمل کان پري رهي سگهندو. هن جي پيءُ به هڪ ڇوڪريءَ کي گهران ڀڄائي شادي ڪئي هئي، نتيجي ۾ پاڻ به ايئن ئي ڪري ٿو. ان جي وچ ۾ هن جي پيءُ جو رويو به ڏسڻ وٽان آهي، پر جڏهن پٽ، پيءُ کي سڏي ٻڌائي ٿو ته والد چپ ٿيو وڃي. ڪهاڻي ’رن چور‘ ۾ ٻيو پاسو انهن عورتن جو آهي، جيڪي پنهنجي والدين جي عزت بازار ۾ اڇلائي هڪ غير مرد سان گهران ڀڄي وڃن ٿيون. بظاهر انهن ’پريمي جوڙن‘ جي پهرين چمڪ ڏسڻ وٽان آهي، باقي اڳتي هلي انهن جو جيڪو انجام ٿئي ٿو اهي دک ۽ الم سان ڀرپور الڳ ڪهاڻيون هونديون آهن. ڪهاڻيءَ ۾ لڪل لفظن ۾ انهن عورتن جي بيوسيءَ کي به ظاهر ڪيو ويو آهي، جيڪي مرداڻن معاشرن ۾ انسان جو رتبو حاصل نه ڪري سگهيون آهن.

عباس سارنگ جي هڪ ٻي ڪهاڻي به فليش فڪشن جي سماج ۾ اهميت کي اجاگر ڪري ٿي. ’مٿل ماڻهو‘ جي عنوان سان لکيل هيءَ ڪهاڻي، بنيادي طور انهن بي حس انساني روين جي عڪاس آهي، جن کي ڏسي جانور، پکي به حيرت جو اظهار ڪن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ عباس سارنگ، 58 لفظن جو استعمال ڪيو آهي. مطلب فڪشن-55 جي آس پاس ۾ ٻئي ڪهاڻيون سرجيون ويون آهن، ڪنهن به فليش فڪشن ليکڪ لاءِ 58 لفظن کي 55 لفظن ۾ آڻڻ مشڪل ناهي، پر ان جي ادراڪ جي ڳالهه آهي، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ليکڪن وٽ فليش فڪشن جو تصور ڪجهه اهڙي ريت پهتو آهي ته فليش فڪشن مختصر لفظن جي ڪهاڻي آهي، جڏهن ته ساڳي وقت فليش فڪشن جي ڇتيءَ هيٺ ايندڙ صنفون مختصر ساڻ مخصوص لفظن جون پڻ آهن، جيئن: 50 لفظ، 55 لفظ، 100 لفظ وغيره. اهو بحث پنهنجي جاءِ تي اهم پر هتي اختصار جي صورت عباس سارنگ جي 58 لفظن تي ٻڌل ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي ’بليڪ اينڊ وائيٽ‘ تصوير ڏسي

سگهجي ٿي، ڪھڙي ريت ڪانوءُ پنھنجي ساٿين ڪي انسانن جي وحشپڻي جي ڳالھہ ڪري، پنھنجي لاءِ شڪر ادا ڪري ٿو تہ انسانن جي پاڻ ۾ ٻڌي ناهي، نہ تہ هنن جا لاش بہ ماڻهن وانگر اهڙي طرح دربدر هجن ها. ماڻهو جو ماڻهو کي مارڻ يقينن انهن سيني ساهوارن لاءِ حيرت جوڳو آهي، جن جي اڳيان انسان اشرف المخلوقات جي دعوا ڪري ٿو. عباس سارنگ جي ڪهاڻيءَ جو آخري مڪالمو جيڪو ڪانوءَ جي زباني چورايو ويو آهي تہ: "... ظالمن جي پاڻ ۾ ٻڌي ناهي نہ تہ اهي لاش اسان جا هجن ها ۽ پوءِ اسان جا لاش ائين ئي دربدر ڏسين ها!" (سارنگ 2011، 87) سماج جي ان رخ جي تصويرڪشي ڪري ٿو جيڪو هاڻي ماڻهن وٽ معمول ٿي چڪو آهي. ماڻهو ڪھڙي ريت ماڻهوءَ جو جسماني، روحاني، اقتصادي، مذهبي، قومي قتل عام ڪري ٿو اهي ڪهاڻيون هاڻي ڳُجهيون ناهن رهيون.

عباس سارنگ سان گڏ ڪجھہ ٻيا نوجوان ليکڪ بہ خوب کان خوب تر فليش فڪشن لکن پيا، جن جون تحريرون ان ڳالھہ جو ثبوت آهن تہ مختصر ۽ مخصوص لفظن جي دائري ۾ رهي، سماج جون چِٽيون تصويرون ڪڍي سگهجن ٿيون، جنهن لاءِ اهي سڀ ليکاري جس لهڻن، جيڪي فليش فڪشن ۾ سماجي معاملن کي مٿي کنيو بيٺا آهن.

## زاهد ميراڻيءَ جو فليش فڪشن:

فليش فڪشن جو اهو ڪمال تہ مختصر لفظن ۾ وڏي ڳالھہ ڪري وڃڻي آهي، ان جو احساس ليکڪن کي پڻ ٿئي پيو ۽ هو ان جستجو ۾ آهن تہ گهڻن موضوعن تي خوب کان خوب لکيو وڃي: جنهن جو هڪ ٻيو مثال زاهد ميراڻيءَ جون ڪهاڻيون آهن، جيتوڻيڪ هن پنھنجي ڪهاڻين کي مختصر جو نالو ڏنو آهي، پر حقيقي طور اهي مختصر - مختصر جي دائري ۾ اچن ٿيون.

ڪتاب 'مان سنڌي آهيان' ۾ هن جي مختصر - مختصر ڪهاڻي 'ڳاڙهي' جو جائزو وٺنداسين تہ ان ۾ سماج جو اهو پاسو چٽو نظر ايندو، جنهن مان صديون گذرڻ باوجود جان آجي نہ ڪرائي سگهيا آهيون. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ 277 لفظن جو استعمال ڪندي 'ڪارو ڪاريءَ' جي ڪڏي رسم جو اهڙو تہ نقشو ڪڍيو آهي

جو اهي سڀ ڳالهيون سامهون پيون اچن، جن جي استعمال سان معصوم نياڻين جا ڪنڌ ڪپيا وڃن ٿا. ڪهاڻيءَ جي عنوان 'ڳاڙهي' مان ئي پڙهندڙ اندازو ڪري وڃي ٿو تہ ليڪڪ ڇا سمجهائڻ چاهي ٿو وڏيڪ هيءَ مختصر - مختصر ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ پروڙ پئي ٿي تہ هن ظالم سماج ۾ مرد پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ لاءِ عورت کي صرف وکر جي حيثيت ڏئي ٿو جيئن هڪ جاءِ تي ڪاري ڪري ماري ويندڙ مومل جي ماءُ چوي ٿي: "منهنجي مومل ڪاري نہ ڳاڙهي هئي. ظالم، ظلم ڪمايو آهي." هن ڊائلاگ مان ڪهاڻيءَ جي سنجيدگي کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

بنيادي طور ڪارو ڪاري يا غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ جي رسم پراڻي آهي. هي رسم نہ صرف سنڌ پر پرپاسي جي علائقن ۾ پڻ آهي. بلوچستان ۾ هن رسم کي سياه ڪاري، پنجاب ۾ ڪالا ڪالي، خيبر پختونخواه ۾ طور طوره جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿي. هن رسم جو بنياد زناڪاريءَ جي فعل ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ڏيڻ هوندو آهي، پر هڪ عام ماڻهو کي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي تہ هو پنهنجي ڪورٽ قائم ڪري سزائون ڏئي!؟ ڇاڪاڻ تہ سماج ۾ ڪجهہ مامرا ٽيبوز يا اهڙا آهن، جن تي عام ماڻهو ڳالهائي نہ ٿو سگهي، سو هيءَ ڪُڌي رسم ختم ٿيڻ بجاءِ وڌندي رهي آهي. جن علائقن ۾ رهون ٿا، اتي مرد ۽ عورت کي مارڻ کان پوءِ اها دعويٰ ڪئي ويندي آهي تہ هي ماڻهو جنسي بدفعلي ۾ ملوث هئا، جنهن کي پوءِ 'غيرت جو قتل' سان پيٽيو وڃي ٿو. انگريزيءَ ۾ ان لاءِ Honor Killing جو اصطلاح ڪتب آندو ويندو آهي. حقيقي نظر سان ڏٺو وڃي تہ اهڙي قسم جون وارداتون پراڻن جهيڙن جي پلاندن، زمين ۽ جائيداد جو حصول، قرض ادا ڪرڻ جي ذميداريءَ کان آجو ٿيڻ، ٻيءَ شادي ڪرڻ، ڪنهن ناپسنديده عورت مان جان ڇڏائڻ يا اهڙي قسم جي ٻين ڪوڙ سارن مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن مرد ۽ عورت تي ڪارو ڪاريءَ جو ليبل لڳائي، انهن کي قتل ڪيو ويندو آهي.

زاهد ميراڻيءَ جي ڪهاڻِيءَ ۾ هن ڪڌي رسم جي مذمت ساڻ فليش فڪشن جو ڪمال بہ سامهون اچي ٿو جنهن ۾ ليڪڪ مختصر لفظن اندر معاشري جو هڪ ناسور اڀيان آڻي ٿو.

ساڳئي ڪتاب ۾ زاهد ميراڻي جي هڪ ٻي 174 لفظن تي ٻڌل مختصر - مختصر ڪهاڻي 'شينهن' موجود آهي، جنهن ۾ ليکڪ ٿورن لفظن ۾ وطن پرستيءَ جو تز ۽ ترش لهجي ۾ جهڙي ريت نقشو چٽيو آهي، تنهن کي ساراهڻ کان سواءِ نه ٿو رهجي سگهجي. هيءَ مختصر - مختصر ڪهاڻي ان شخص جي چؤگرد گهمي ٿي، جيڪو شينهن هجڻ جو دعويدار آهي. اهو شينهن هجڻ جي ڳالهه ته ڪري ٿو پر ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ هن کي ڪتو به نه ٿو مڃيو وڃي. بقول ڪهاڻيڪار، "جيڪو انسان پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي نه ٿو ڪري سگهي، اهو ڪتو سڏائڻ جي لائق به نه آهي." (ميراڻي 2014، 63) ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جو قلم ان شخص کي ڪنهن به ريت رعايت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪو حب الوطنيءَ جي جذبي کان وانجهيل آهي.

ساڻيهه جي سڪ ۽ محبت ايمان جو جزو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ساڻيهه سان محبت نه آهي ته ان جو ايمان سلامت نه آهي. اهڙو ماڻهو بي ايمان آهي ۽ بي ايمان دين کان خارج ليکيو ويندو آهي. مارئي جو مثال سامهون آهي، هن عمر بادشاه جون سڀ لالچون ٺڏي ڇڏيون؛ ڇيائين ته هيرن جواهرن تي ۽ پٽ پٽيهرن تي پنهنجو ملڪ نه ڇڏينديس. اها به حقيقت آهي ته ڪي ماڻهو دل جا پڪا ۽ خود غرض لوڀ ۽ لالچ ۾ وڪوڙيل ٿين ٿا، انهن جي اکين تي اوندهه جا آنڊارا چڙهيل ٿين ٿا، جنهن جي ڪري انهن کي ڌرتيءَ جي عزت ۽ آبرو نظر ئي نه ايندي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ به هڪ اهڙي ماڻهو جو ڪردار چٽو ڪيو ويو آهي، جيڪو ساڻيهه جي سڪ کان وانجهيل آهي ۽ شينهن هجڻ جي دعوا ڪري ٿو پر ڪهاڻيڪار مطابق هن جو درجو ڪتي جهڙو به نه آهي.

زاهد ميراڻيءَ جي جن ٻن ڪهاڻين کي 'فليش فڪشن ۾ سماجي معاملا' جي عنوان ۾ رکيو ويو انهن ثابت ڪيو ته فليش فڪشن لکندڙ پراڻن موضوعن ساڻ نون مامرن کي پڻ مختصر - مختصر ڪهاڻين جو روپ ڏئي لکي رهيا آهن.

## علي رضا قاضيءَ جو فليش فڪشن:

علي رضا قاضي (راقم) جڏهن فليش فڪشن لکڻ جي شروعات ڪئي ته هن جي اڳيان به ڪيترائي سماجي معاملا هئا، جن تي مختصر لفظن ۾ لکڻ جي

ڪوشش ڪئي، جيڪي بعد ۾ ڪتابي شڪل ۾ پڻ ڇپيا؛ جيئن هڪ مختصر- مختصر ڪهاڻي ’ڪتي جي خودڪشي‘ هئي. مختصر- مختصر ڪهاڻي ’ڪتي جي خودڪشي‘ 305 لفظن تي ٻڌل هئي، جنهن ۾ سماج جو هڪ معاملو اپاريو ويو هو. ٻين لفظن ۾ اهي 305 لفظ اوندهه ۾ فليش جو ڪم ڏئي رهيا هئا. ڪهاڻيءَ جي اختصار کي سامهون رکندي هيٺ پيش ڪجي ٿي:

## ڪتي جي خودڪشي:

هن جو شمار به شهر جي لوسي ڪتن منجهان ئي هو. ڪجهه ڏينهن اڳ شهر ۾ ايندڙ ڌارين ڪتن جي حملي ۾ سخت زخمي ٿي پيو هو. ڪنڌ ۾ چڪ لڳڻ ڪري اتي گهاءُ ڪجهه سجيهه هئس، ويتر اتي ڪيڙا ٿيڻ ڪري ڏاڍي اذيت ۾ ورتل هو.

اهڙي حالت ڏسي هن خودڪشيءَ جو فيصلو ڪيو. پاڻ مارڻ ايترو آسان نه ناهي.......!! پر پوءِ به هو ان نتيجي تي پهچي ويو ته وڌيڪ جيئرو نه رهي سگهندو. هر گهڙي هن لاءِ تڪليفن ۾ واڌارو آڻيندي.

خودڪشي ڪيئن ڪجي...؟؟ ان لاءِ هن سؤلو طريقو ڳولي ورتو صبح کان شهر جي ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چوڌاري چڪر لڳائڻ شروع ڪيا. هن کي آس هئي ته ميونسپل ڪاميٽي وارن وٽ ڪتن مارڻ جو زهر هوندو آهي، هن جي حالت ڏسي يقينن سندس اڳيان مانيءَ ۾ ملائي اڇلائيندا، هو خوشي خوشي اها ماني کائيندو ۽ پوءِ سڀ تڪليفون هڪ لحظي ۾ لهي وينديون.......... پر هن کي اهو ڏسي مايوسي ۽ حيراني ٿي ته ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چوڌاري چار چڪر ڪاٽڻ کان پوءِ به هن جو ڪنهن نوٽيس نه ورتو آهي!

آخر هو ٿڪجي ڪاميٽي گيٽ تي ويهي رهيو ته من ڪو هن جو زخم ڏسي، چتو سمجهي مارڻ جي ڪوشش ڪري. هن جي اميد تڏهن ختم ٿي جڏهن هن ميونسپل آفيسر کي هڪ پنگياٽيءَ سان ڳالهائيندي ڏٺو. آفيسر پنگياٽي جي ڇاتيءَ کي تڪيندي سرٻاٽن ۾ چئي رهيو هو ”تو واري مڙس کي ڍڪٽي ۾ ڍڪ پائي ٻڌي مرڻ گهرجي، ڪتن مارڻ لاءِ ايندڙ زهر کپائي به تنهنجي خاندان جي پوري ڪيان ٿو پر تنهنجي مڙس جا اعتراض ۽ غيرت ختم نه ٿا ٿين!“.

ڪتو وڏيڪ گفتگو نہ ٻڌي سگھيو البت "ڍڪڻي... ڍڪ ۾ مرڻ..." واري ڳالھ هن کي سمجھ ۾ اچي وئي. جسم ۾ ڦڙتي اچي ويس...... ڪنڌ ڏاري تيز وکون کڻندو شهر جي مين رستي ڏانهن رخ ڪيائين، جتي ڪافي وقت کان 'ڍڪڻيءَ جي ڍڪ' کان وڏيڪ پاڻي بيٺل هو." (قاضي 2016، 64)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ان ڪتي جي ڳالھ هلڪي ڦلڪي مزاحيہ انداز سان ڪئي وئي آهي، جيڪو تڪليفن کان تنگ ٿي پاڻ مارڻ چاهي ٿو پر هن کي زمانو آساني سان مرڻ بہ نہ ٿو ڏئي. جهڙي ريت هن جهان ۾ جيئڻ ڏکيو آهي، اتي مرڻ بہ مشڪل ٿيو وڃي. سماج اندر ڪجھ اهڙا معاملا جن سان نبرڻ کان موت بهتر هوندو آهي، پر ان حالت ۾ موت بہ مهانگو ٿيو وڃي. جنهن معاشري ۾ رهون ٿا، اهو هڪ مڪمل ضابطي يا نظام جو نالو آهي. اهو نظام ڪيتري قدر ناڪاره ۽ فرسوده ٿي ويو آهي، ان جو اندازو هن مختصر- مختصر ڪهاڻيءَ مان ڪري سگھجي ٿو. هڪ اهڙو سسٽم جنهن کي بدعنوانيءَ جي اڏوهي اندران ڪائي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي.

ذاتي مفادن کي اجتماعي مامرن مٿان ڪهڙي ريت ترجيح ڏني وڃي ٿي، ڪهڙي ريت نظام جا سنڀاليندڙ پنهنجي خسيس مفادن لاءِ اهو ڪجھ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن، جيڪي سڙيل سماجن ۾ گناهن جي کاتي ۾ اچي ٿو! ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ڪتي کي شهر جي مين رستي ڏانهن منهن ڪرڻ جو ڏس ڏنو ويو آهي، جتي اهو بيٺل پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرندو! هوڏانهن شهر جي صفائيءَ لاءِ ايندڙ رقم آفيسر پنهنجي عياشيءَ لاءِ استعمال ڪري ٿو بلڪل جڏهن شهر جي صفائي جو انتظام سنڀاليندڙ ادارن ۾ ڇتن ڪتن کي مارڻ لاءِ ايندڙ زهر بہ کپايو وڃي، اتي شهرن جي مالڪي ڪهڙي ريت ٿي سگھي ٿي.

هي اهي سماجي معاملا آهن، جن تي سڀ ڪبوتر جيان اکيون بند ڪري اهو سمجھون ٿا تہ سڀ ڪجھ صحيح آهي، پر ايئن ناهي هوندو. ملڪ جون حالتون ڏينهن بہ ڏينهن انهن روين جي ڪري ڳنڀير صورت طرف وڌي رهيون آهن ۽ بيحسيءَ جي ور چڙهيل آهيون.

فليش فڪشن جو اهو ئي معجزو آهي، تہ مختصر لفظن ۾ وڏي ڳالھ ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو جهڙي ريت مٿين ڪهاڻيءَ ۾ ان جو عملي مظاهرو ڪيو ويو

آهي. ‘ڪتي جي خودڪشي’ ڪان پوءِ منهنجي هڪ ٻي ڪهاڻي پڻ سماج جا اهي پاسا نروار ڪري ٿي، جيڪي بظاهر نظرن کان اوجهل آهن. ‘سوئر جو پٽ’ (قاضي 2016، 44) جي نالي سان هن ڪهاڻيءَ ۾ 108 لفظ شامل ڪيا ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ فليش لکڻين جي حوالي سان اهي منهنجون شروعاتي ڪوششون هيون ان ڪري ڊرئبل کان اڻ واقف هجڻ ڪري اها ڪهاڻي 108 لفظن جي ٿي وئي، نہ تہ جيڪر ان ڪهاڻيءَ مان 8 لفظن کي ڪٽ ڪري پورا 100 لفظ بيهارڻ ڪو مشڪل ڪم نہ هو. هن آٺ لفظ وڏيڪ ڊرئبل ۾ سنڌ جي قديم قبيلي باگڙين جي مٿان ٿيندڙ جنسي زيادتين کي سامهون آندو ويو آهي؛ جنهن ۾ وڏيري جو پٽ ڪاوڙ ۾ باگڙي عورت کي گارين جا ڏوڙيا لائي ڏئي ٿو. آخر ۾ ان جي پٽ کي سوئر جو پٽ سڏي ٿو جنهن تي ريشما نالي باگڙياڻي، ان ئي لانڍيءَ ۾ لڳل وڏي رئيس جي تصوير کي ڏسي پڻڪي ٿي: “سوئر جو پٽ...... ها سوئر جو پٽ...” مطلب تہ ان باگڙياڻيءَ جو پٽ ان رئيس جو پٽ آهي، جنهن جو پيو وڏيرو پٽ ريشما جي بيعزتي ڪري رهيو هو.

هڪ نظر سان ڏٺو وڃي تہ هي معاملا آس پاس ۾ هر وقت برپا ٿيندا رهن ٿا، جن جي عڪاسي ڪرڻ ليکاريءَ جو ڪم آهي. هڪ ناول نويس، هڪ مختصر ڪهاڻي لکندڙ ۽ فليش فڪشن سرجيندڙ ۾ فقط اهو فرق آهي تہ هو لفظن ۽ وقت جو مختلف طريقي سان استعمال ڪن ٿا. موضوع ساڳيا آهن. ناول نويس ان کي گهڻن لفظن جي مدد سان ڪافي وقت وٺي تفصيل سان سمجهائي ٿو جنهن ۾ پڻ هن جي فن جو ڪمال آهي، ساڳي موضوع کي مختصر ڪهاڻي لکندڙ ناول کان ڪافي گهٽ لفظ استعمال ڪري هڪ ئي نشست ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن تہ فليش اسٽوري رائيٽر هڪ پل ۾ ان کي قاريءَ جي اڳيان بجليءَ جي چمڪ جيان اڇلائي ٿو.

## انور ڪليم جو فليش فڪشن:

فليش فڪشن لکڻ جي حوالي سان جيتوڻيڪ سنڌي ادب ۾ نئين صنف طور سڃاتي وڃي ٿي، ان هوندي قليل وقت ۾ ڪيترن ئي ليکڪن پنهنجي اختصاري لکڻين ۾ سماج جا مسئلا سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ انور ڪليم بہ

شامل آهي. هن جي مختصر - مختصر ڪهاڻي 'ڪاغذ' (ڪليم 2004، 79)هڪ اهم سماجي مامري ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي ملي ٿي. هيءَ مختصر - مختصر ڪهاڻي 75 لفظن تي ٻڌل آهي، جنهن کي گهٽائي يا وڌائي ڊرئبل يا ڊرئيبل يا فڪشن -55 جي صورت ۾ آڻي سگهجي پيو خير جيسيتائين سنڌي ليڪ فليش فڪشن جي مختلف نمونن کان واقف ٿين تيسيتائين هنن پاران اختصار ۾ لکڻ ئي بهترين عمل آهي.

انور ڪليم جي مختصر - مختصر ڪهاڻي 'ڪاغذ' ۾ هڪ اهڙي ننڍڙي نينگر جي ڪٿا آهي، جيڪو ڇولا ڪپائي پڙهڻ چاهي ٿو. اهو راز تڏهن عيان ٿئي ٿو جڏهن ڇولا ڪپائيندي هن وٽ ڪاغذن جي کوٽ ٿي پوي ٿي، سامهون وارو گراهڪ هن کي ڇولن جي ٿالهه ۾ پيل ڪجهه بين ڪاغذن ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو: "پر هي جي ڪجهه ڪاغذ پيا اٿئي؟" جنهن تي نينگر ورندي ڏئي ٿو: "هي ڪاغذ منهنجا داخلا فارم آهن، جيڪي سياڻي اسڪول ۾ جمع ڪرائيندس!" هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي هڪ اهم مسئلي تعليم جي راهه ۾ رڪاوٽون ۽ ڏکيائن جو احساس ٿئي ٿو ڪهڙي ريت غريب ماڻهو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ته ڪوشان آهي، پر ان راهه ۾ هن جي اڳيان رڪاوٽون آهن. سڌريل سماجن ۾ شاگردن جو اهڙي ريت ڇولا ڪپائڻ معيوب سمجهيو ويندو آهي، جيڪڏهن ڪٿي اهڙي ڳالهه ٿي وڃي ته ان معاشري ۾ ڦڙڦوٽ پئجيو وڃي، پر هتي اهڙي قسم جون ڳالهيون عام آهن، جنهن ۾ معصوم ٻارن جي ڪلهن تي سڄي خاندان جو وزن اچيو وڃي. هو زندگيءَ جي هڻ وٺان ۾ ذهني ۽ جسماني طور مفلوج بڻجي ڪجهه به نه ڪرڻ جهڙو ٿي وڃي ٿو. تعليم، صحت ۽ امن و امان جي ذميداري بنيادي طور رياست جي هوندي آهي، جيڪڏهن ان ذميداريءَ کان رياست غافل آهي ته 'ڪاغذ' جهڙيون ڪهاڻيون جنم وٺنديون رهنديون، جيڪو مسئلو سماج جو ناسور بڻجي وڃي ٿو.

انور ڪليم جي هڪ ٻي مختصر - مختصر ڪهاڻي 'پنهنجي پنهنجي مطلب' (ڪليم 2004، 66) ۾ به هڪ سماجي معاملي ڏانهن ڌيان ڏياريو ويو آهي. 32 لفظن جي هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي خانه بدوش ڇوڪريءَ جو ذڪر آهي، جيڪا پاڻ ته شيشي جي دوڪان ۾ رکيل زيورن کي حسرت سان ڏسي رهي آهي، باقي سڌڙيا هن جي جسم ۾ اکيون کپائي بيٺا آهن، ڏٺو وڃي ته 32 لفظن جي هيءَ ڪهاڻي جنهن کي

جيڪو بہ نالو ڏجي درست ٿيندو، پوئتي پيل سماج جي ذهني ڏيوالپڻي کي ظاهر ڪري ٿي. روزمره جي زندگيءَ ۾ جڏهن مرد اکين ۾ ايڪسري هنيون عورتن جي جسمن جون تصويرن ڪڍندا وتن، ان معاشري ۾ انور ڪليم جي ڪهاڻي فٽ بيهي ٿي.

اهو سماجي الميو آهي، يا نفسياتي پيچيدگي جو عورتون اجا سوڌو عجيب الخلقت آهن، پوءِ اهي برقعن ۾ هجن يا بنا برقن جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گهمندڙ خانہ بدوش عورتون، مردن جو فرض ٿي وڃي ٿو تہ پيرن کان مٿي تائين انهن کي گهوري ڏسن!

## نتيجو:

حاصل مقصد تہ ٿوري عرصي ۾ فليش فڪشن جهڙي ريت سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي، ان کي داد ڏيڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهجي. مختصر ۽ محدود لفظن ۾ وڏن سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ فليش فڪشن کي سونهين ٿو. جنهن لاءِ اميد آهي تہ مستقبل ۾ فليش فڪشن ليکڪ اهو ڪم اجا بہ وڌيڪ تيزيءَ ۽ جانفشانيءَ سان ڪندا رهندا.

## حوالا:


1. الانا، غلام علي، (2005)، سنڌي ادب جو سماجي ڪارج، نفيس احمد شيخ، (ايڊيٽر) ٽماهي مهراڻ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
2. خواجہ، ڊاڪٽر نور افروز، (2000)، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، حيدرآباد: گلشن پبليڪيشن.
3. سارنگ، عباس، (2011)، ڪپيل نڪ، ڪراچي: نيو نياپو اڪيڊمي.
4. قاضي، علي رضا، (2016)، معذرت سان، ٺاروشاهہ: علي پبلشرس اينڊ ڪمپيوٽرس.
5. ڪليم، انور، (2004)، ٻتيهہ ڪهاڻيون، قنبر: ڪنول پبليڪيشن.
6. ڪوريجو عباس، (2014)، پنهنجي ڌرتي، قنبر: ڪنول پبليڪيشن.
7. ڪوهيار، منظور، (2009)، سچا ڪوڙا رشتا، قنبر: ڪنول پبليڪيشن.
8. ميراڻي، زاهد، (2014)، مان سنڌي آهيان، ڪراچي: ساڪيو اڪيڊمي.